# گناهن جو علاج

سنڌي ترجمو



هن رسالي ۾ ......


- توبه جو طريقو 13
- گهر جو سامان وڪڻي به گهر جو قرض ادا ڪرڻو پوندو 16
- تن پيسن جو وبال 17
- روزانو خيرات ڪرڻ جو ثواب 19
- حج ڪير ڪندو؟ 23
- لاش جو دردناڪ انجام 31
- تجديد ايمان جو طريقو 34



شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامه مولانا ابوبلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه


مدني چئنل ڏسندا رهو


مكتبة المدينه (دعوت اسلامي)

بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ اللهِ

هي رسالو ”**ڪناهن جو علاج**“ شيخ طريقت، امير اهسلنت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ **مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي** دامت برڪاتهم العاليه جو اردو زبان ۾ تحريري بيان آهي .

**مجلس تراجم** (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي . جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي تہ **مجلس تراجم** (دعوت اسلامي) کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو .


**رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)**

**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران**

**پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

﴿ **فون نمبر** : 021-4921389-90-91 ﴾

E-mail.majlistarajim@dawateislami.net

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ط بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ط

# گناهن جو علاج

**شيطان لک سستي ڏياري هي رسالو مکمل پڙهي وٺو. ان شاء الله عَزَّوَجَلَّ توهان پنهنجي دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿيندي محسوس فرمائيندؤ.**

## پر انوار چهري تي خوشيءَ جا آثار

حضرت سيّدنا سَهل بن سعد رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن سرڪارِ نامدار، رسولن جا سردار صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم ٻاهر تشريف وٺي آيا، ان موقعي تي ابوطلحہ اڳتي وڌي عرض ڪيو: يارسول الله صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم منهنجا ماءُ پيءُ توهان تان قربان ٿين، اڄ چهري مبارڪ تي خوشيءَ جا آثار معلوم ٿي رهيا آهن. پاڻ ڪريم صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم فرمايو: ”بيشڪ هاڻي جبريل امين (علیہ السلام) مون وٽ آيا هئا ۽ ان چيو: اي محمد! (صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم) جنهن توهان تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو، الله عَزَّوَجَلَّ ان جي اعمال نامي ۾ ڏهہ نيڪيون لکندو ۽ ڏهہ گناهہ مٽائيندو ۽ ڏهہ درجا وڌائيندو.

(القول البديع ص 107 دارالکتب العلميہ بيروت )

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## رحمت ڀريو سودو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ڪيڏي نہ وڏي آهي

(1) هي بيان 19 رجب المرجب 1422هہ بمطابق 2001-10-07 جو صحراءِ مدينہ ملتان شريف ۾ ٿيو، ضروري ترميم سان تحريراً حاضر آهي . (مجلس مکتبة المدينہ)

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : جنھن مون تي ھڪ ڀيرو درود پاڪ پڙھيو الله تعاليٰ ان تي ڏھ رحمتون موڪليندو آھي.

جو جيڪو نبي ڪريم صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم تي ھڪ ڀيرو درود پاڪ پڙھي ٿو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي اعمال نامي ۾ ڏھ نيڪيون لکندو، ڏھ گناھ مٽائيندو ۽ ڏھ درجا بلند فرمائيندو آھي. اسان جي زبانن مان نہ ڄاڻ ڪيتريون فضول ڳالھيون نڪرنديون ھونديون، اي ڪاش! فضول ڳالھائڻ بدران درود پاڪ پڙھڻ جي عادت بڻجي وڃي.

ذکر و دُرُود ہر گھڑی وِردِ زَباں رہے
میری فُضُول گوئی کی عادت نکال دو

صَلُّو عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## گناھ ڪيو پر........

**حضرت** سيّدنا ابراھيم بن ادھم عليہ رحمۃ اللہ الاکرم جي خدمتِ سراپا عظمت ۾ ھڪ شخص حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: "سائين! مون کان تمام گھڻا گناھ ٿيندا آھن توھان مون کي **گناھن جو علاج** ٻڌايو." پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تعالٰی عَلَیْہِ **پھرين نصيحت** ڪندي فرمايو تہ "جڏھن گناھ ڪرڻ جو پڪو ارادو ٿي وڃي تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ جو رزق کائڻ ڇڏي ڏي. ان شخص حيرت وچان عرض ڪيو: سائين! توھان ڪھڙي نصيحت فرمائي رھيا آھيو! ائين ڪيئن ٿو ٿي سگھي؟ جڏھن تہ رزاق عَزَّوَجَلَّ اھو ئي آھي تہ مان ان جي روزي ڇڏي پيلا ڪنھن جي کائيندس! تہ پاڻ فرمايائون: ڏس! ڪيڏي نہ خراب ڳالھہ آھي جو جنھن پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي روزي کائين ان جي ئي

نافرماني ڪندو رهين وري پاڻ ٻي **نصيحت** فرمايائون: ته جڏهن به گناهه جو ارادو ٿئي ته الله عَزَّوَجَلَّ جي ملڪ کان ٻاهر نڪري وڃ. ان عرض ڪيو: سائين هي به ڪيئن ٿو ٿي سگهي! سڄو اولهه، اوڀر، اتر، ڏکڻ، ساڄي، کاٻي، هيٺ، مٿي، جيڏانهن به وڃان اتي الله عَزَّوَجَلَّ جو ملڪ آهي. الله عَزَّوَجَلَّ جي ملڪ کان ٻاهر نڪرڻ جي ڪا صورت ئي ناهي. پاڻ ارشاد فرمايائون: ڏس! ڪيڏي نه خراب ڳالهه آهي جو الله عَزَّوَجَلَّ جي ملڪ ۾ به رهين ۽ پوءِ ان جي نافرماني به ڪرين. **ٽين نصيحت** ڪندي پاڻ هي ارشاد فرمايائون: ته جڏهن پڪو ارادو ٿي وڃي ته بس هاڻي گناهه ڪرڻو ئي آهي ته گناهه ڪر، پر پنهنجو پاڻ کي ايترو لڪاءِ جو الله عَزَّوَجَلَّ ڏسي نه سگهي. ان حيرت وچان عرض ڪيو: سائين! هي ڪيئن ممڪن آهي، جو الله عَزَّوَجَلَّ مون کي نه ڏسي سگهي، هو ته دلي حالتن کان به باخبر آهي، ته پاڻ ارشاد فرمايائون: ڏس ڪيڏي نه خراب ڳالهه آهي جو جڏهن تون الله عَزَّوَجَلَّ کي سميع ۽ بصير به مڃين ٿو ۽ هي به يقين سان چئي رهيو آهين ته الله عَزَّوَجَلَّ هر گهڙي مون کي ڏسي رهيو آهي پوءِ به گناهه ڪندو رهين ٿو. "**چوٿين نصيحت** اها ارشاد فرمايائون: جڏهن ملڪ الموت سيّدنا عزرائيل عليه السلام تنهنجو روح قبض ڪرڻ جي لاءِ اچي ته ان کي چئي ڇڏجانءِ ته ٿوري مهلت ڏيو ته مان توبهه ڪري وٺان." ان شخص عرض ڪيو: سائين! منهنجي ڪهڙي اوقات؟ منهنجي ڪير ٻڌندو؟ موت جو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم: جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهه ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحو ڪندس.

وقت مقرر آهي ۽ مون کي هڪ گهڙيءَ جي به مهلت نه ملي سگهندي ۽ فوراً منهنجو روح قبض ڪيو ويندو. پاڻ فرمايائون: جڏهن تون اهو ڄاڻين ٿو ته مان بي اختيار آهيان ۽ توبهه جي مهلت حاصل نه ٿو ڪري سگهان ته في الحال جيڪو وقت تو وٽ آهي ان کي غنيمت سمجهي ملڪ الموت سيّدنا عزرائيل عليه السلام جي اچڻ کان اڳ ۾ توبهه ڇو نه ٿو ڪري وٺين؟ پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تعالٰی عَلَيْه **پنجين نصيحت** هيءَ فرمائي ته جڏهن تون مري وڃين ۽ قبر ۾ منڪر نڪير اچن ته انهن کي قبر مان هٽائي ڇڏجانءِ. ان عرض ڪيو: سائين! هي ڇا ٿا فرمايو! مان انهن کي ڪيئن هٽائي سگهندس؟ مون ۾ ايتري طاقت ڪٿي؟ ”پاڻ ارشاد فرمايائون: جڏهن تون منڪر نڪير کي هٽائي به نه ٿو سگهين ته انهن جي سوالن جا جواب ڏيڻ جي تياري هاڻي کان ئي شروع ڇو نه ٿو ڪري ڇڏين؟ ڇهين ۽ **آخري نصيحت** ڪندي پاڻ ارشاد فرمايائون: جيڪڏهن قيامت جي ڏينهن توکي جهنم جو حڪم ٻڌايو وڃي ته چئي ڇڏجانءِ ته مان نه ٿو وڃان. ان عرض ڪيو: سائين! اتي به ڪِهلي جهنم ۾ ڌڪو ڪيو ويندو، ته پاڻ فرمايائون: جڏهن تنهنجو اهو حال آهي جو تون الله عَزَّوَجَلَّ جي روزي کائڻ کان به نٿو مڙين، ان جي ملڪ کان ٻاهر به نه ٿو نڪري سگهين، ان کان نظر به نه ٿو بچائي سگهين، منڪر نڪير کي به هٽائي

**فرمانِ مصطفيٰ** صلى الله تعالى عليه واله وسلم: **جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي..**

نٿو سگهين ۽ جهنم جي عذاب جو جيڪڏهن حڪم ٿي وڃي ته ان کي به ٽاري نه ٿو سگهين ته پوءِ گناهه ڪرڻ ئي ڇڏي ڏي ته جيئن انهن مصيبتن کان بچي سگهين. ان شخص تي سيّدنا ابراهيم بن ادهم عليه رحمة الله الاكرم جي ٻڌايل **گناهن جي علاج** جي انهن ڇهه نصيحت ڀريل مدني گلن جي خوشبوءِ دل تي تمام گهڻو اثر ڪيو، هو زارو زار روئڻ لڳو، ۽ ان ئي وقت هن پنهنجي تمام گناهن کان سچي توبهه ڪئي ۽ مرڻ گهڙي تائين توبهه تي قائم رهيو. (ملخص از تذڪرة الاولياء صفحو 100 انتشارات گنجينه تهران)

## الله عَزَّوَجَلَّ جو رزق نه کائو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** سيّدنا ابراهيم بن ادهم عليه رحمة الله الاكرم ڪيڏي سهڻي انداز ۾ **گناهن جو علاج** تجويز فرمايو، **پهريون علاج** جيڪو ان شخص کي ارشاد فرمايائون: اهو هي آهي ته جيڪڏهن گناهه ڪرڻو آهي ته ڪيو پر ان صورت ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جو رزق کائڻ ڇڏي ڏيو، ان اهو ئي عرض ڪيو ته هي ڪيئن ممڪن آهي جو مان ان جو رزق کائڻ ڇڏي ڏيان؟ اُهو ئي ته رزاق عَزَّوَجَلَّ آهي، پاڻ ارشاد فرمايائون: جڏهن ان جي روزي کائين ٿو ۽ پوءِ ان جي نافرماني به ڪرين ٿو ته ڪيڏي نه عجيب ڳالهه آهي! هن ڳالهه کي دنياوي مثال سان هيئنءَ سمجهو ته اسان جيڪڏهن ڪنهن کي ڪجهه ڪارايون ٿا جيتوڻيڪ اهو الله عَزَّوَجَلَّ جو ئي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودپاڪ پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

ڏنل هوندو آهي پر پوءِ به ان کان ڪئي گنا وڌيڪ وصول ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. مثال طور پنهنجي نوڪر کان پوري ڊيوٽي (Duty) ورتي ويندي آهي جيڪڏهن اهو ڪڏهن دير سان اچي ته ڪاوڙ ۾ اچي چيو ويندو آهي ته تون ايتري دير سان ڇو آيو آهين؟ ٽي هزار روپيا پگهار ٿو وٺين ۽ ساڍي اٺين بجي بدران ڏيڍ ڪلاڪ ليٽ (Late) يعني ڏهين بجي اچي رهيو آهين! جيڪڏهن اڳتي ڪڏهن دير ڪئي ته پگهار ڪاٽي ويندي! ايترو ئي نه بلڪ ڪڏهن ڪڏهن ته گاريون به ڏنيون وينديون آهن، جيڪڏهن ڪو نوڪر گهٽو ڪمزور آهي ته ڪڏهن ڪڏهن ان تي هٿ به کنيو ويندو آهي ۽ اهو ويچارو غريب صدمي سبب چپ ٿي ويندو آهي. ذميواري (Duty) کان وڌيڪ به ان کان ڪم وٺندا آهيون، موڪل جو وقت پلي ڇهين بجي هجي پر اٺين نائين بجي تائين به ان کي فارغ ناهيون ڪندا، موڪل واري ڏينهن به ڪيس گهرائي ڪم وٺندا آهيون. مطلب ته ماڻهو جيڪڏهن ڪنهن کي پاڻ ڪم تي رکندو آهي ۽ ان کي پگهار ڏيندو آهي ته ان کان پورو بلڪ ڪڏهن ڪڏهن ته وڌيڪ ڪم وٺندو آهي ته هيءَ ڪيڏي نه بي وفائيءَ جي ڳالهه آهي جو الله عَزَّوَجَلَّ جي روزي به کائي ۽ پوءِ ان طرفان مقرر ڪيل ڊيوٽي (Duty) پوري نه ڪري. ان روزانو پنجن نمازن جي ڊيوٽي (Duty) لڳائي پر ڪوتاهي ڪري،

رمضان المبارڪ جا روزا رکڻ جي ذميداري عطا فرمائي اها به نه نڀائي، ان ڪثير دولت عطا فرمائي ۽ شرطن سان گڏ فقط اڍائي سيڪڙو زڪوات فرض ڪئي پر ان کان به ننڌائي، ان سرسبز ٻنيون ۽ ميون سان ڀريل باغ عطا فرمايا ۽ عُشر فرض ڪيائين، پر اهو به ادا نه ڪري. ان حڪم فرمايو ته فلاڻو فلاڻو ڪم نه ڪيو، پر پوءِ به لڳاتار نافرماني ڪئي وڃي. اها ڪيڏي نه بيغيرتيءَ جي ڳالهه آهي جو ان جي روزي کائڻ جي باوجود ان جي نافرماني ڪئي وڃي .

## الله عَزَّوَجَلَّ جي ملڪ مان نڪري وڃو!

گناهه جو ٻيو علاج هي ارشاد فرمايائون ته گناهه ڪرڻو هجي ته الله عَزَّوَجَلَّ جي ملڪ کان ٻاهر نڪري وڃو ۽ ظاهر آهي ته هي ناممڪن آهي. ان کي هئين سمجهو ته جيڪڏهن اسان ڪنهن جي گهر مهمان ٿيون ته انهن جو لحاظ رکندي اسان سندن گهر ۾ ڪنهن قسم جو نقصان ٿيڻ نه ڏينداسين. جيڪڏهن اسان کان ڪو نقصان ٿي به ويو ته ان تي اسان جو ضمير ملامت ڪندو، ته هاڻي غور فرمايو ته خالق ۽ مالڪ عَزَّوَجَلَّ جي بادشاهي ۾ رهون ۽ وري ان جي نافرماني به ڪيون هي ڪيڏو نه عجيب ۽ غريب ڪم آهي ۽ مُرُوَّت جي ڪيتري قدر خلاف آهي .

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم :جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو ته مون تي به پڙهو بيشڪ آءُ سيني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان.

## الله عَزَّوَجَلَّ کان لڪي وڃو

گناهن جو ٽيون علاج پاڻ هي ارشاد فرمايائون ته ڪنهن اهڙي جڳهه وڃي گناهه ڪيو جتي الله عَزَّوَجَلَّ نه ڏسي سگهي، هي ڳالهه اَظْهَرُ مِنَ الشَّمْسِ (يعني سج کان به وڌيڪ روشن) آهي ته اهڙي ڪا به جڳهه ناهي جيڪا هڪ گهڙي جي لاءِ به الله عَزَّوَجَلَّ کان لڪل هجي، هو هر وقت هر شيءِ کي ملاحظہ فرمائي رهيو آهي. اي ڪاش! اسان جي اندر گناهه ڪرڻ وقت هي احساس پيدا ٿي وڃي ته الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي ڏسي رهيو آهي.

## الله عَزَّوَجَلَّ ڏسي رهيو آهي

بغداد شريف ۾ هڪ بدمعاش هڪ عورت کي پڪڙي ورتو ۽ ان تي خنجر ڪڍي ورتائين، ماڻهو پري بيهي تماشو ڏسي رهيا هئا، ۽ ڪنهن ۾ به همت نه هئي ته ڪو ان عورت کي ان بدمعاش جي قبضي مان آزاد ڪرائي سگهي. ايتري ۾ هڪ بزرگ رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالٰی عَلَیْہِ اتان گذريا ۽ فوراً پرسان وڃي ان بدمعاش جي ڪن ۾ ڪجهه چيائون ۽ اڳتي وڌي ويا، ان (بدمعاش) کي يڪدم ڏڪڻي وٺي وئي ۽ هو بيهوش ٿي ڪري پيو. ان جو خنجر هٿ مان ڪري پيو ۽ اها عورت اتان ڀڄي وئي. جڏهن ان کي هوش آيو ته ماڻهن کان پڇا ڪئي اهو بزرگ ڪير هو؟ حاضرين جواب ڏنو ته هو زماني جا وليُّ الله حضرت سيّدنا بشر حافي عليه رحمة الله الكافي

هئا. ان چيو، تہ پاڻ رضي الله تعالىٰ عنه منهنجي ڪن ۾ چيو تنهنجي هن ڪم کي الله عَزَّوَجَلَّ ڏسي رهيو آهي، مان خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ کان ڏڪي ويس ۽ مون کي يڪدم احساس ٿيو تہ مان ڪيڏو نہ بي شرم ۽ بي غيرت آهيان جو منهنجو ربّ عَزَّوَجَلَّ مون کي ڏسي رهيو آهي ۽ مان بي حيائيءَ جو ڪم ڪري رهيو آهيان، بس مون کي ان احساس تڙپائي ڪيرائي ڇڏيو ۽ مان بيهوش ٿي ويس. ايترو چوڻ کان پوءِ اهو بدمعاش وڏي درد ۽ رقت مان رڙيون ڪرڻ لڳو انهيءَ خوف مان ان کي بخار چڙهي ويو ۽ هڪ هفتي جي اندر اندر هو فوت ٿي ويو.

(روض الرياحين صفحو 171 طبع المطبعة الميمنية مصر)

## قيامت ۾ ڪير جواب ڏيندو؟

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** واقعي جيڪڏهن ڪو پنهنجي اندر احساس اجاگر ڪري وٺي تہ گناھ ڪرڻ وقت منهنجو پالڻهار مون کي ڏسي رهيو آهي، ڪوڙ ڳالهائيندي فوراً خيال اچي وڃي تہ مان ڪوڙ ڳالهائي ٻانهي کي تہ ڌوکو ڏئي رهيو آهيان ۽ هي ويچارو بہ مون کي سچو سمجهي رهيو آهي پر الله عَزَّوَجَلَّ تہ مون کي ڏسي رهيو آهي زبان مان گاريون ڪڍڻ وقت هيءَ ڳالھ ذهن ۾ چڱي طرح ويهارجي تہ منهنجو ربّ عَزَّوَجَلَّ سميع ۽ بصير آهي ۽ هو ٻڌي ۽ ڏسي رهيو آهي، يا بدنگاهي ڪرڻ وقت بہ هيءُ تصور ڪجي تہ مان جنهن سان بدنگاهي ڪري رهيو آهيان

**فرمانِ مصطفيٰ** صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم : **مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.**

جيتوڻيڪ ان ڪي معلوم ناهي پر **الله** عَزَّوَجَلَّ مون ڪي ڏسي به رهيو آهي ۽ ان تي منهنجي نيّت به ظاهر آهي ڪجهه ماڻهو امرد (خوبصورت ڇوڪري) سان بدنگاهي ڪندا ۽ پنهنجين اکين کي حرام سان پريندا آهن ۽ امرد يا ٻين ماڻهن کي ان جي خبر نه پوندي آهي بلڪ اهي بدنظري ڪرڻ واري کي نيڪ ماڻهو سمجهي رهيا هوندا آهن، پر **الله** عَزَّوَجَلَّ دلي حالتن کي ڄاڻيندو آهي، تنهن ڪري ڪاش امرد سان بدنگاهي ڪرڻ وقت، ان سان پنهنجو جسم ٽڪرائڻ وقت، ان جي سامهون ڪلي ان جي مرڪڻ مان مزو وٺندي لذت سان ڳالهيون ڪرڻ وقت، ان سان گڏ اڳيان يا پويان اسڪوٽر يا سائيڪل تي ويهڻ وقت يا ويهارڻ وقت هي احساس ٿي وڃي ته مان به ڪيڏو بي غيرت ۽ ڪميڻو آهيان جو منهنجو **الله** عَزَّوَجَلَّ مون کي ڏسي رهيو آهي ۽ مان بي حيائيءَ جو ڪم ڪري رهيو آهيان، جيڪڏهن سڀاڻي قيامت جي ڏينهن **الله** عَزَّوَجَلَّ مون کان پڇي ورتو ته مون وٽ ڪهڙو جواب هوندو؟ ۽ مان ڪيئن پنهنجو پاڻ کي ان جي قهر ۽ غضب کان بچائي سگهندس؟

## نفسياتي اثر

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو وڃي ته انسان کي انسان کان ڏاڍو خوف ٿيندو آهي. مثلاً ماءُ پيءُ يا استاد جي آڏو گاريون ڏيڻ کان

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.

ڊڄندا آهيون. پر افسوس الله عزوجل کان ايترو نه ٿا ڊڄون جيترو ان کان ڊڄڻ جو حق آهي. جيڪڏهن ڪو رعب دار شخص سامهون هجي ته ان کان ايترو ڊڄندا آهيون جو آواز به ناهي نڪرندو، ان جي سامهون خُشُوع و خُضُوع يعني نماڻي انداز سان رهڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. اي ڪاش! الله عزوجل جو خوف اسان جي دلين ۾ ويهي وڃي، هر وقت ان جي خوف جو غلبو رهي ۽ اسان جيئن ماڻهن جي سامهون بُرا ڪم ڪرڻ پسند ناهيون ڪندا. اي ڪاش! صد ڪروڙ ڪاش! اسان جي ذهن ۾ هر وقت هيءَ ڳالهه وينل هجي ته الله عزوجل اسان کي ڏسي رهيو آهي ۽ ائين اسان پنهنجي گناهن جو علاج ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون.

چُھپ کے لوگوں سے کیئے جس کے گناہ
وہ خبر دار ہے کیا ہونا ہے

## توبه جي مهلت ڪٿي ملي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** گناهن جو چوٿون علاج ٻڌائيندي سيّدنا ابراهيم بن ادهم علیہ رحمۃ اللہ الاکرم فرمايو: اي گناه ڪرڻ وارا! جڏهن ملڪ الموت علیہ السلام روح قبض ڪرڻ لاءِ اچي ته ان کي چئي ڇڏجانءِ ته ترسو مان توبه ڪري وٺان. يقيناً هو مهلت نه ڏيندو ته پوءِ هاڻي کان ئي توبه ڇو نه ٿا ڪري وٺو؟ آخر توهان ڪهڙي اميد تي گناه مٿان گناه ڪري رهيا آهيو؟ خدارا!

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم : مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهوبيشڪ توهان جو مون تي درودشريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.

شيطان ڪان جلدي جان ڇڏايو نہ تہ هي توهان کي ڪٿان جو بہ نہ ڇڏيندو! قرآن پاڪ جي سيپاري 28 سورة الحشر آيت نمبر 16 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

كَمَثَلِ الشَّيْطٰنِ اِذْ قَالَ لِلْاِنْسَانِ اكْفُرْ ۚ فَلَمَّا كَفَرَ قَالَ اِنِّيْ بَرِيْٓءٌ مِّنْكَ اِنِّيْٓ اَخَافُ اللّٰهَ رَبَّ الْعٰلَمِيْنَ ۝

**ترجمو ڪنزالايمان:** شيطان وانگر جڏهن ان انسان کي چيو ڪفر ڪر پوءِ جڏهن ان ڪفر ڪيو. چيائين مان توڪان بيزار آهيان مان الله ڪان ڊڄان ٿو، جيڪو سموري جهان جو رب (آهي).

## توبهہ جي معنيٰ

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** شيطان وڏو مڪار ۽ چالاڪ آهي پاڻ ماڻهن کي ڪفر جو حڪم ڏئي ٿو ۽ وري ان ڪان بيزاريءَ جو اظهار بہ ڪري ٿو ۽ جيئن تہ شيطان کي خود توبهہ جي توفيق ناهي ان لاءِ هاڻي هو نہ ٿو چاهي تہ ڪو ٻيو بہ توبهہ ڪري ان جي ساٿين جي لسٽ مان نڪري وڃي. ان ڪري جلد ڪان جلد توبهہ ڪري وٺو، توبهہ جي معنىٰ بہ ٻڌي وٺو! ڇو تہ اڄڪلهہ تہ توبهہ جو بہ عجيب انداز آهي جو ڇپن تي مرڪ بلڪ ڪڏهن ڪڏهن تہ ٽهڪن جا ٺاڪوڙا هوندا آهن ۽ ڳلن تي آهستي آهستي هلڪي ٿڦ هڻندي ”توبهہ، توبهہ“ چئي دل کي مجائي ورتو تہ توبهہ ٿي وئي اها حقيقي نہ فقط رسمي توبهہ آهي. حديث پاڪ ۾ آهي اَلنَّدَمُ تَوبَةٌ يعني شرمندگي توبهہ آهي.

(سنن ابن ماجہ جلد 4حديث 4252 ص 492 دار المعرفة بيروت)

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.

## توبهہ جو طريقو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جيڪڏهن گناهہ ٿي وڃي تہ ان ڪي دل ۾ بُرو سمجهي ڪاش! ڏکٽي اچي وڃي ۽ شرم اچي تہ مان اهو ڪم ڇو ڪيو؟ ذهن بہ بڻجي وڃي ۽ پڪو عهد هجي تہ آئنده ڪڏهن بہ اهو گناهہ نہ ڪندس، گناهہ کان توبهہ ڪرڻ جي اها ئي معنىٰ آهي، ان لاءِ ڪيل گناهہ تي دل ۾ بيزاري ۽ شرمندگي ۽ اڳتي اهو گناهہ نہ ڪرڻ جي پختي ارادي سان (مثلاً بد نگاهيءَ جو گناهہ ٿي ويو هجي تہ) عرض ڪري: ”ياالله عَزَّوَجَلَّ! مون کان بد نگاهي جو گناهہ ٿي ويو آهي ان کان توبهہ ڪيان ٿو ۽ واعدو ڪيان ٿو تہ اڳتي اهو گناهہ نہ ڪندس.“

نَدامت سے گناہوں کا اِزالہ کچھ تو ہوجاتا
مگر رونا بھی تو آتا نہیں ہائے نَدامت سے

## توبهہ جا ٽي رڪن

**حضرت صدرالافاضل مولانا سيّد محمد نعيم الدين مراد آبادي** عليہ رحمۃ اللہ الھادي **فرمائن ٿا: توبهہ جو اصل رجوع الي الله** (يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي طرف رجوع ڪرڻ) **آهي ان جا ٽي رڪن آهن (1) اعترافِ جرم (2) ندامت (3) عزمِ ترڪ** (يعني هن گناهہ کي ترڪ ڪرڻ جو پڪو ارادو) **جيڪڏهن گناهہ قابلِ تلافي هجي تہ ان جي تلافي** (يعني نقصان جو بدلو) **بہ لازم مثلاً تَارِكُ الصَّلٰوة** (يعني بي نمازي) **جي لاءِ پوين نمازن جي قضا بہ لازم آهي.** (خزائن العرفان ص 12 بمبئي)

## دوزخ جي دروازي تي نالو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جيڪي نماز نه ٿا پڙهن اهي توجهه ڪن، ياد رکو! نماز توبهه سان معاف ناهي ٿيندي، ها قضا ٿي وڃي ته ادا ڪري ان تاخير جي توبهه به ڪري. ڪجهه نمازي اهڙا به آهن جيڪي روزانو فجر جي نماز قضا ڪري ڇڏيندا آهن ۽ ائين لڳندو آهي ته معاذاللہ عزوجل ان قضا کي ڪو عيب ئي نه ٿا سمجهن! نه ئي انهن کي افسوس ٿيندو آهي، نه ئي حسرت، جيڪڏهن ڪو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري ته ڪلندي جواب ملندو آهي ته، ”اک ئي نه ٿي کُلي“ حالانڪ جيڪڏهن انهن کي ڪاروبار جي لاءِ ڪنهن ٻئي ملڪ وڃڻو پوي ۽ صبح پنجين بجي جي فلائيٽ هجي ته هوائي اڏي (Airport) تي پهچي وڃن. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ڪنهن ٻئي شهر ۾ پڪنڪ جي لاءِ وڃڻو هجي ۽ ٽرين صبح ڇهين بجي هجي ته پنجين بجي کان ئي اسٽيشن تي پهچڻ جي ڪوشش ڪن. ڪيڏو ته نازڪ دور آهي، جو فجر جي نماز جي لاءِ چيو وڃي ته هي چئي ٽارائيندا آهن، ”اک نه ٿي کلي!“ ۽ جڏهن دنياوي ڪم جي لاءِ وڃڻو هجي ته جلد اک کلي ويندي آهي، بلڪ ننڊ ئي نه ايندي آهي. آهه! عبادت کان ماڻهو ڪيترو نٽائڻ لڳا آهي ۽ ڪهڙا ڪهڙا بهانا ٺاهڻ لڳا آهن .

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ان جفا ڪئي.

**حڪايت:** هڪ بزرگ رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ فرمائن ٿا تہ مون کي هڪ ڏينهن شيطان نظر آيو ۽ چوڻ لڳو: سائين! ڇا ٻڌايان هڪڙو زمانو اهو هو جو مان ماڻهن کي تعليم ڏيندو هوس ۽ هاڻي اهو دور اچي ويو آهي جو ماڻهو مون کي تعليم ڏين ٿا. (تلبيس ابليس ص 39 دارالڪتاب العربي بيروت) صد ڪروڙ افسوس! جيڪڏهن جماعت سوا پنجين بجي (5:15) هجي تہ ماڻهو صبح پنجين بجي (5:00) بہ جماعت سان نماز پڙهڻ لاءِ اٿڻ لاءِ تيار ناهن. جيتوڻيڪ باقي چار نمازون پابنديءَ سان پڙهندا بہ هجن. حديث پاڪ ۾ آهي: "جنهن جاڻي واڻي نماز ڇڏي تہ ان جو نالو دوزخ جي ان دروازي تي لکيو ويندو جنهن مان هو داخل ٿيندو." (حلية الاولياء جلد 7 حديث 10590 ص 299) بهرحال جيڪڏهن ڪنهن کان معاذالله عزوجل (يعني الله عزوجل جي پناهہ) ڪا نماز قضا ٿي وڃي تہ ان کي قضا ڪري پڙهي ۽ تاخير سان پڙهڻ سبب ٻاڏائي توبهہ بہ ڪري.

## دير جي معافي ٺهرو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** قضاء نماز جي معاملي کي هن مثال مان سمجهڻ جي ڪوشش ڪيو مثلاً توهان زيد نالي شخص کان قرض ورتو ۽ واعدو ڪيو تہ سڀاڻي شام جو ادا ڪندس، پر ادا ڪرڻ ۾ ٻن ڏينهن جي دير ڪري ڇڏي. ظاهر آهي تہ زيد توهان کان ناراض ٿيندو، ڇو تہ توهان قرض وٺڻ وقت واعدو ڪيو هو

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم : اُن شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي دُرُود شريف نه پڙهي.

ته سياڻي شام جو ادا ڪندس، توهان واعدي خلافي ڪئي ۽ ان کي پريشان ڪيو. (افسوس جو عام طور تي واپاري ائين ڪندا آهن) تنهن ڪري هاڻي ان جي تلافي هيئن ممڪن آهي جو ان کان جيڪو قرض ورتو هيو اهو به ادا ڪيو ۽ توهان ادائگي ۾ جيڪا ٻن ڏينهن جي دير ڪئي ان جي معافي به گهرو ۽ ڪيئن به ڪري ان کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو.

## گهر جو سامان وڪڻي ڪري به قرض ادا ڪرڻو پوندو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ان ضمن ۾ هي به عرض ڪندو هلان، ته جيڪڏهن توهان ڪنهن کان قرض ورتو ۽ ادا ڪرڻ لاءِ ڪا رقم ناهي پر ٿانوءَ فرنيچر وغيره سامان آهي ته ان کي وڪڻي به قرض ادا ڪرڻو پوندو جيڪڏهن ادا نه ڪيو ۽ جنهن کان قرض ورتو آهي ان کان به مهلت نه ورتي ته توهان جي هر گهڙي گناهن سان ڀريل هوندي جيئن:

## قرض ادا ڪرڻ ۾ دير جي هولناڪي

حجة الاسلام امام محمد غزالي عليه رحمة الله الوالي فرمائن ٿا: ”ته جيڪڏهن قرضدار قرض ادا ڪري سگهي ٿو ته قرض ڏيندڙ جي مرضيءَ کان بغير هڪ گهڙي به جيڪڏهن دير ڪندو ته گناهگار ٿيندو ۽ ظالم قرار ڏنو ويندو. جيتوڻيڪ روزي جي حالت ۾ هجي يا نماز جي حالت ۾ يا ننڊ ڪري رهيو هجي. ان جي ذمي

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم : جنهن مون تي درود پڙهڻ وساري ڇڏيو اهو جنت جو رستو ڀلجي ويو.

گناهه لکيو ويندو رهندو ۽ هر صورت ۾ ان تي الله عَزَّوَجَلَّ جي لعنت رهندي ۽ هي اهو گناهه آهي جيڪو ننڊ جي حالت ۾ به ان سان گڏ رهندو آهي (يعني ائين سمجهو ته گناهن جو ميٽر مسلسل هلندو رهندو آهي) ۽ ادا ڪرڻ جي طاقت جي اها شرط ناهي ته روڪ رقم هجي بلڪ ڪا به شيء جيڪڏهن وڪڻي سگهي ٿو ۽ وڪڻي نه ٿو تڏهن به گناهگار آهي ۽ جيڪڏهن خراب روپيا پيسا يا قرض جي بدلي ۾ اهڙي شيء ڏنائين جيڪا قرض ڏيندڙ کي ناپسند هجي تڏهن به ڏيڻ وارو گناهگار ٿيندو ۽ جيسيتائين ان کي راضي نه ڪندو ان ظلم کان ڇوٽڪارو حاصل نه ڪري سگهندو ڇو ته ان جو اهو فعل ڪبيره گناهن مان آهي پر ماڻهو ان کي معمولي سمجهن ٿا .

(ڪيمياءِ سعادت جلد پهريون ص 336)

## ٺن پيسن جو وبال

**مٺامٺا اسلامي ڀائرو!** اڄڪلهه عام طور تي هن مسئلي ڏانهن ڪنهن جو ڌيان ئي ناهي. ڪافي ماڻهو قرض وٺي واپس ڪرڻ جي طاقت رکڻ جي باوجود ادا نه ڪندا آهن ۽ خاص طور تي ڪاروباري ماڻهو ته قرض ڏيندڙن کي خوب ڌڪا کارائيندا آهن. بلڪ ڪجهه واپاري ته خوشامد ڪري قرض ئي وساري ڇڏيندا آهن يا طاقت جي زور تي ڌمڪيون ڏيندا آهن ته جيڪڏهن همت آهي ته اسان کان وٺي ڏيکار! ياد رکو! منهنجا **آقا اعليٰ حضرت،**

امام اهلسنّت، وليء نعمت، عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانهء شمعِ رسالت، مجددِ دين و ملت، حاميء سنّت، ماحيء بدعت، عالمِ شريعت، پيرِ طريقت، باعثِ خير و برڪت حضرت علامه مولانا الحاج الحافظ القاري الشّاه **امام احمد رضا خان** عليه رحمة الرحمٰن نقل ڪن ٿا ته "جيڪو دنيا ۾ ڪنهن جا تقريباً ٽي پيسا قرض ڦٻائي ڇڏيندو ته ان کي ان جي بدلي قيامت جي ڏينهن ست سؤ باجماعت نمازون ڏيڻيون پونديون، جڏهن ان وٽ نيڪيون نه رهنديون ته ان (يعني قرض ڏيندڙ) جا گناهه هن (يعني قرض ڦٻائڻ واري) جي مٿي تي رکيا ويندا ۽ باهه ۾ اڇلايو ويندو. هي انصاف جو حڪم آهي، ۽ الله تعاليٰ حقوق العباد معاف ناهي ڪندو جيستائين ٻانهو پاڻ معاف نه ڪري، ان (قرض ڦٻائڻ واري) تي فرض آهي ته پنهنجي حال تي رحم ڪري ۽ قرض کان پاڪ ٿئي موت کي دور نه ڄاڻي، باهه جو عذاب سَنو نه ويندو.(ملخص از فتاوىٰ رضويه جلد 25 صفحو 69 رضا فائونڊيشن لاهور) جڏهن تقريباً ٽن پيسن جو هي وبال آهي ته جيڪي ماڻهو هزارين لکين بلڪ ڪروڙين روپيا کائي ويندا آهن انهن جو ڇا حال ٿيندو! ۽ ظاهر آهي ته باجماعت نمازون به اهي ڏيڻيون پونديون جيڪي مقبول هونديون ۽ آهه! اسان کي ته اهو به معلوم ناهي ته اسان جون نمازون مقبول به آهن يا نه.

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعاليٰ عليه واله وسلم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.

## روزانو خيرات جو ثواب

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** قرض جي ڳالهه نڪتي آهي ته هي به عرض ڪندو هلان ته جيڪڏهن ڪو قرض وٺي مقرر وقت تي نه ٿو ڏئي ته قرض ڏيڻ واري کي ناراض ٿيڻ جي ضرورت ناهي ڇو ته هن جيترو قرض ڏنو آهي اوتري رقم خيرات ڪرڻ جو ان کي مفت ۾ روزانو ثواب ملي وڃي ٿو. مثلاً ڪنهن کي توهان ستين تاريخ تي هڪ هزار روپيا قرض ڏنو ۽ ان واعدو ڪيو ته ٻارهين تاريخ تي رقم واپس ڪندس. جيڪڏهن ان شخص وڌيڪ مهلت نه وٺندي اها رقم ٻارهين جي بدران اڻاويهين تاريخ تي ڏني، ٻارهن ۽ اڻاويهه ڏينهن جي دوران سورهن ڏينهن ٿين ٿا. توهان کي هر روز هڪ هزار جي حساب سان سورهن هزار روپيا خيرات ڪرڻ جو ثواب ملندو. **جيئن الملفوظ** (حصو اول ص 40 حامد اينڊ ڪمپني لاهور) ۾ آهي:

## اعليٰ حضرت رحمة الله تعاليٰ عليه جي حڪايت

اعليٰ حضرت رحمة الله تعاليٰ عليه جي بارگاهه ۾ ڪنهن عرض ڪيو سائين! منهنجا ڪجهه پيسا هڪ شخص ڏي آهن پر اهو ڏي نه ٿو. پاڻ جواباً ارشاد فرمايائون: هن زماني ۾ قرض ڏيڻ ۽ اهو خيال ڪرڻ ته ملي ويندو هڪ مشڪل خيال آهي. منهنجا پندرهن سؤ روپيا ماڻهن ڏي قرض آهن. جڏهن قرض ڏنو ته اهو خيال ڪيو

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم:جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهہ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحو ڪندس.

تہ ڏنائون تہ چڱو نہ تہ گهرندس نہ، جن ماڻهن قرض ورتو تہ ڏيڻ جو نالو نہ ورتائون (پوءِ پاڻ ئي فرمايائون) جڏهن ائين قرض ڏيان ٿو تہ هِبہ (يعني ان کي مالڪ بڻائڻ) ڇو نہ ٿو ڪري ڇڏيان ان جو سبب هي آهي تہ حديث شريف ۾ ارشاد ٿيو تہ: ”جڏهن ڪنهن جو ٻئي تي قرض هجي ۽ ان جو مقرر وقت گذري وڃي تہ هر روز اوترا پيسا خيرات ڪرڻ جو ثواب ملندو آهي جيترو قرض آهي. (مجمع الزوائد رقم الحديث 6676 ج 4 ص 242) ان عظيم ثواب جي لاءِ مون قرض ڏنو پر هِبہ نہ ڪيو (يعني ان کي تحفي طور نہ ڏنو) ڇوتہ پندرهن سو روپيا روز مان ڪٿان کان خيرات ڪيان ها.“

## توبهہ ۾ دير ڇو؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! قرض جي متعلق ضمني طور ڪجهہ گذارشون پيش ڪيم. بهرحال ڳالهہ اتان نڪتي هئي تہ سيّدنا ابراهيم بن ادهم عليہ رحمۃ اللہ الاکرم گناهن جو علاج وٺڻ واري جي دل تي اثر وجهڻ لاءِ فرمايو تہ، جڏهن حضرت سيّدنا ملڪ الموت عليہ السلام اچن تہ توبهہ جي مهلت گهري وٺجان ۽ ان تي اهو شخص چوڻ لڳو، ملڪ الموت عليہ السلام مهلت نہ ڏيندو. پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تعالیٰ عَلَیْہِ ارشاد فرمايو: جڏهن تون اهو ڄاڻين ٿو تہ هو مهلت نہ ڏيندو تہ پوءِ توبهہ ۾ آخر ايتري دير ڇو ڪري رهيو آهين؟ جلد کان جلد توبهہ ڪر . مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن وقت پورو ٿي ويو تہ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي..

يقيناً مهلت نہ ڏني ويندي، جيئن الله عَزَّوَجَلَّ سيپاري 28 سورة منافقون جي آيت نمبر 9 ۽ 10 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

يٰاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لَا تُلۡهِكُمۡ اَمۡوَالُكُمۡ وَلَاۤ اَوۡلَادُكُمۡ عَنۡ ذِكۡرِ اللّٰهِ ۚ وَمَنۡ يَّفۡعَلۡ ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الۡخٰسِرُوۡنَ ۝ وَاَنۡفِقُوۡا مِنۡ مَّا رَزَقۡنٰكُمۡ مِّنۡ قَبۡلِ اَنۡ يَّاۡتِىَ اَحَدَكُمُ الۡمَوۡتُ فَيَقُوۡلَ رَبِّ لَوۡلَاۤ اَخَّرۡتَنِىۡۤ اِلٰٓى اَجَلٍ قَرِيۡبٍ ۙ فَاَصَّدَّقَ وَ اَكُنۡ مِّنَ الصّٰلِحِيۡنَ ۝ ﴿پ۲۸ المنٰفقون آيت ۹،۱۰﴾

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، وليءِ نعمت، عظيم البرڪت، عظيم المرتبت ، پروانهءِ شمعِ رسالت ، مجددِ دين و ملت ، حاميءِ سنّت. ماحيءِ بدعت، عالمِ شريعت، پيرِ طريقت، باعثِ خيرو برڪت حضرت علامه مولانا الحاج الحافظ القاري الشاه امام احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن پنهنجي شهرهء آفاق قرآن جي ترجمي ڪنزالايمان ۾ ان جو ترجمو هيئن ڪن ٿا:

(”اي ايمان وارؤ! توهان کي غافل نہ ڪري توهان جو مال ۽ نہ توهان جو اولاد نہ ئي ڪا ٻي شيءِ الله (عَزَّوَجَلَّ) جي ذڪر کان، ۽ جيڪو ائين ڪندو پوءِ اهي ئي ماڻهو نقصان ۾ آهن، ۽ ڪجهہ خرچ ڪريو اسان جي ڏني مان اسان جي واٽ ۾ هن کان اڳ جو توهان مان ڪنهن تي موت اچي پوءِ چوي اي منهنجا رب (عَزَّوَجَلَّ) تو مون کي ٿوري مدّت تائين ڇو نہ مهلت ڏني جو مان صدقو ڏيان ها ۽ نيڪن مان ٿيا ها“.)

## مهلت نہ ملندي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جڏهن موت اچي چڪو تہ هاڻي مهلت گهري ٿي وجي تہ ياالله عَزَّوَجَلَّ! تو مون کي مهلت ڇو نہ ڏني جو مان تنهنجي راهہ ۾ خرچ ڪيان ها ۽ نيڪ ٻانهن مان ٿيان ها.

فرمانِ مصطفیٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم: جنھن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو تہ ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

بهرحال مرڻ کان پوءِ جيڪڏهن ڪو پڇتائي تہ جيڪڏهن مون کي مهلت ملي وڃي ها تہ مان ضرور نمازي بڻجي وڃان ها ڇو تہ هن ڳالهہ جو بلڪل احساس ئي نہ هو تہ مون کي ائين اوچتو موت اچي ويندو، اها ڪهڙي خبر هئي تہ منهنجو حادثو (Accident) ٿي ويندو جيڪو موتمار ثابت ٿيندو، مون کي تہ اها خوش فهميءَ هئي تہ ڏاڍو ڪامياب ڊرائيور آهيان، منهنجي وهم ۽ گمان ۾ بہ نہ هو تہ بريڪ فيل ٿي ويندو يا ڪا تيز رفتار گاڏي پويان ٽڪر هڻي چيپاٽي گذري ويندي، مان تہ اهو ئي سمجهندو هئس تہ مون کي گردن ٽوڙ بخار ڪڏهن بہ نہ ٿيندو، جيڪو منهنجي موت جو سبب بڻجندو. جيڪڏهن مون کي پهريان کان احساس هجي ها تہ پوڙهائپ کان اڳ بلڪ ڀرپور جواني ۾ شادي کان اڳ بہ موت اچي پڪڙيندو، تہ مان ماڻهن جي طعنن جي ڪڏهن بہ پرواهہ نہ ڪيان ها. فرائض جي ادائگيءَ سان گڏوگڏ ڏاڙهي بہ سنّت مطابق هڪ مٺ تائين وڌايان ها، زلف ۽ عمامي شريف جو تاج بہ پنهنجي مٿي تي سجايان ها، **مدني انعامات** جو هر مهيني ڪارڊ بہ ڀريان ها ۽ ذليل دنيا جي ڪيتري بہ مصروفيت هجي ها پر پابنديءَ سان هر مهيني ٽن ڏينهن جي **مدني قافلي** ۾ سفر جي ضرور ضرور سعادت حاصل ڪيان ها.

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

## حج ڪير ڪندو؟

آهہ! منهنجي اکين تي غفلت جا پردا پيل هئا، جڏهن ڪو مون کي ڏاڙهي رکڻ جو مشورو ڏيندو هو تہ مان شيطان جي چوڻ تي هيئن ٺاري ڇڏيندو هئس جيڪڏهن **الله** عزوجل حج نصيب ڪيو تہ مکي مديني مان ڏاڙهي رکي ايندس، پر مون کي ڪهڙي خبر هئي تہ منهنجي مقدر ۾ حج ۽ مديني جي ديدار جي سعادت ناهي ۽ مان حج کان پهريان پهريان موت جو شڪار ٿي ويندس!

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ياد رکو! حضرت سيّدنا ابراهيم خليل **الله** علیٰ نبینا وعلیہ الصّلٰوۃ والسّلام جي پڪار تي جنهن جي روح جيترا ڀيرا لبيڪ چيو اهو ايترا ڀيرا لازمي حج جي سعادت حاصل ڪندو ۽ جنهن جي روح لبيڪ نہ چيو اهو ڪنهن بہ صورت ۾ حج نہ ڪري سگهندو. جيئن دُرِّمَنثُور ۾ آهي تہ جڏهن حضرت سيّدنا ابراهيم خليل **الله** علیٰ نبینا وعلیہ الصّلٰوۃ والسّلام ڪعبي شريف جي تعمير ڪئي تہ **الله** عزوجل حڪم ارشاد فرمايو: تہ اي ابراهيم! جبل تي چڙهي ماڻهن کي حج لاءِ گهراءِ. حضرت سيّدنا خليل **الله** علیٰ نبینا وعلیہ الصّلٰوۃ والسّلام عرض ڪيو: يا**الله** عزوجل! منهنجو آواز ڪيئن پهچندو؟ تہ **الله** عزوجل فرمايو: تون سڏ ڪر آواز پهچائڻ اسان جي ذمّي آهي. جڏهن حضرت سيّدنا ابراهيم خليل **الله** علیٰ نبینا وعلیہ الصّلٰوۃ والسّلام

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : توهان جتي به هجو مون تي درود پڙهو توهان جو درود مون وٽ پهچندو آهي.

ماڻهن کي حج لاءِ سڏيو ته جنهن جي نصيب ۾ هو ان جي روح ”لَبَّيک“ چيو. (الدر المنثور ج 6 ص32 دارالفکر بيروت) ته **پيارا اسلامي ڀائرو!** ڪنهن کي معلوم ئي ناهي ته ان جي مقدر ۾ حج آهي يا نه جيڪڏهن بالفرض حج جو شرف حاصل ٿي به ويو ۽ توهان حج ۾ ڏاڙهي به رکي ڇڏي پوءِ به جيترو عرصو حج جي انتظار ۾ ڏاڙهي ڪوڙائيندا رهيو ان جو گناهه ملندو رهيو. ته آخر ڇو ايتري عرصي تائين ڏاڙهي ڪوڙائڻ جي حرام فعل ۾ مبتلا ٿيو ٿا! **مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** مجي ونو ۽ حج جو انتظار نه فرمايو الله ۽ ان جي رسول عَزَّوَجَلَّ و صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جي مرضيءَ آڏو هاڻي ئي سر جهڪائي ڇڏيو.

سرکار کا عاشِق بھی کیا داڑھی منڈاتا ہے؟
کیوں عشق کا چِہرے سے اظہار نہیں ہوتا!

الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ العُيُوب صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: ”ته مڇون خوب هلڪيون ڪيو ۽ ڏاڙهين کي معافي ڏيو (يعني وڌڻ ڏيو) ۽ يهودين جهڙي صورت نه بڻايو“. (شرح معاني الاثار رقم الحديث 6424 ج 2ص 28 دار الکتب العلمية بيروت) تنهنڪري هاڻي هن وقت ئي هڪ مٺ ڏاڙهي سجائڻ جي پڪي نيّت فرمايو.

**ياد رکو!** ڏاڙهي ڪوڙائڻ ۽ هڪ مٺ کان گهٽائڻ ٻئي حرام آهن تنهن ڪري ڪاڏيءَ کان هيٺ هڪ مٺ تائين ڏاڙهي وڌايو.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تعالیٰ عليه وآله وسلم: جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو ته مونَ تي به پڙهو بيشڪ آءُ سيني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان.

## جمعي کان نماز شروع ڪندس

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن کي عرض ڪيو وڃي ٿو ته ادا! نماز شروع ڪر ته جواب ملندو آهي جمعي کان شروع ڪندس. ڪڏهن چوندا آهن رمضان شريف ويجهو اچي رهيو آهي پهرئين روزي کان ئي شروع ڪندس. ياد رکو! هي شيطان جي خطرناڪ ترين وارن مان هڪ وار آهي جو خوب ڏگهيون اميدون ڪرائيندو آهي. واقعي ڪيترا ماڻهو شيطان جي ان وار جو شڪار ٿي هن ڳالهه کي بلڪل وساري ويهندا آهن ته رمضان شريف يا جمعي کان اڳ ۾ به موت اچي سگهي ٿو. مان توهان کي هڪ سچو واقعو ٻڌايان ٿو:

## پهريان موت آيو پوءِ جمعو آيو

نيو ڪراچي جي ڪجهه اسلامي ڀائرن مونکي اربع تي اطلاع ڏنو ته اسان جي برادريءَ ۾ اڄ رات اوچتو ٻه موت ٿيا آهن. هڪ اسلامي ڀيڻ جي ڪپڙن ۾ باهه لڳي وئي ۽ اها سڙي فوت ٿي وئي ۽ هڪ پڪوڙن واري کي دل جو دورو (Heart Fail) ٿي ويو. مون (سگِ مدينه عفي عنه) انهن جي جنازي نماز پڙهي. مون کي هڪ اسلامي ڀاءَ ٻڌايو ته هاڻي ٻه ٽي ڏينهن ٿيا آهن جو اسلامي ڀائرن مرحوم پڪوڙي واري تي انفرادي ڪوشش ڪئي هئي ۽ ان واعدو ڪيو هو ته جمعي کان نماز شروع ڪندس. پر آهه!

جمعو اچڻ ۽ ان جي نماز شروع ڪرڻ کان به ڏينهن اڳ خود ان جي پنهنجي نماز پڙهي وئي. الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي، مرحومين جي ۽ سڀني امتِ محمّد صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جي مغفرت فرمائي. (آمين) بي نمازين کي گهرجي ته جمعي جو انتظار ڪرڻ کان سواءِ اڄ ۽ هاڻي کان ئي نماز جي اهتمام جي نيّت ڪري ڇڏيو.

*آگاہ اپنی موت سے کوئی بشر نہیں*
*سامان سو برس کا ہے پل کی خبر نہیں*

## نيڪيءَ ۾ دير ڇا جي؟

جڏهن ڪنهن نيڪ ڪم ۾ پنهنجو ذاتي مفاد هوندو آهي ته ماڻهو جهٽ چوندا آهن، واهه سائين واهه! ”نيڪي ۾ دير ڇا جي!“ پر جيڪا نيڪي نفس تي ڳري پوندي آهي ته ان کي جمعي يا رمضان يا حج تائين ڇڏي ڏيندا آهن ۽ اهو به اڪثر ٽارڻ لاءِ هوندو آهي نه ته ڪيترائي ان طرح جا واعدا ڪرڻ وارا بيشمار جمعا گذرڻ جي باوجود نمازون شروع ڪرڻ ۽ ڪيترائي حج جي سعادت ماڻيندڙ ماڻهو ڏاڙهي وڌائڻ جي سعادت کان محروم ئي رهندا آهن، جن جي دل ۾ ڪامل طور تي خدا جو خوف ۽ عشقِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم هجي انهن کي اهڙيون ڳالهيون سوهنديون ئي ناهن اهي ته توبهه ڪري نيڪين ڏانهن هٿو هٿ وڌي ايندا آهن .

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم : مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهوبيشڪ توهان جو مون تي درودشريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.

## نوڪري هٿون هٿ آهرجي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** منهنجي ڳالهه کي هن مثال مان سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو ته بي روزگار کي جيڪڏهن ڪو چوي ته ادا! اسان توکي نئين سال جي شروعات ۾ ئي ڪم تي لڳائينداسين، في الحال هڪ مهينو گهر ۾ آرام ڪر اهو ٻڌي ئي شايد هو تڙپي چوندو ته ادا! ”نيڪ ڪم ۾ دير ڇا جي؟“ مون کي اڄ ۽ هاڻي کان ئي نوڪري تي لڳايو، هاڻي ته فقط اڌ ڏينهن ئي گذريو آهي، اڌ ڏينهن جي ڪمائي مان ڪجهه نه ڪجهه خرچ پاڻي نڪري ايندو ۽ پوءِ سڀاڻي صبح کان توهان جي آفيس ۾ ڪم لاءِ باقاعدي حاضر ٿي ويندس!

## ڪمزور بهانا

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** نوڪري ڪرڻي آهي ته هڪ مهينو ته ڇا اڌ ڏينهن جو انتظار به ڏکيو آهي پر فرض نماز شروع ڪرڻي آهي ته جمعو بلڪ رمضان شريف اچڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن ڏاڙهي رکڻي هجي ته حج تي وڃڻ گهرجي ۽ چوندا، پهريان مديني شريف مان ٿي اچان، بس ٻن جوان ڌيئرن جي شادي ڪرايان، مقروض آهيان پهريان قرض ادا ڪيان پوءِ ڏاڙهي به رکي وٺندس.

## راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ سفر

ابليس مڪّار ۽ چالاڪ طرح طرح سان انسان تي وار ڪري

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.

ٿو مثلاً جيڪو زيد هوٽلن تي ويهي سڄي رات پنهنجو وقت برباد ڪري سگهي ٿو، سڄي رات فلمون، ڊراما ڏسي سگهي ٿو پر ان ئي زيد کي جڏهن **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن جي تربيّت جي **مدني قافلن** ۾ عاشقانِ رسول سان سفر جي درخواست ڪئي وڃي ٿي ته چوي ٿو ته ادا! مان ته روز ڪمائيندو ۽ روز کائيندو آهيان، ننڍڙا ننڍڙا ٻار آهن، منهنجي غير حاضري ۾ گهر سنڀالڻ وارو ڪو ڪونهي وغيره غيره، ها جيڪو واقعي مجبور آهي اهو معذور آهي پر اڪثر کي ته شيطان بهانا سيکاري ڪري **مدني قافلن** ۾ سفر کان محروم رکندو آهي ڇو ته شيطان مردود کي اندازو آهي ته جيڪڏهن زيد **مدني قافلي** ۾ سفر ڪري ورتو ته پڪو نمازي ۽ سنّتن جو عادي ٿي ويندو، جنازي جي نماز ۽ ٻيون دعائون به سکي ويندو، **انفرادي ڪوشش** جي ذريعي ٻين کي نمازي بڻائيندو ۽ پوءِ خود **نيڪيءَ جي دعوت** جون خوب ڌومون مچائيندو، ۽ ان تي استقامت حاصل ڪرڻ لاءِ **مدني انعامات** جو هر مهيني ڪارڊ جمع ڪرائيندو، تنهن ڪري هن کي **مدني قافلن** ۾ سفر ئي نه ڪرڻ ڏنو وڃي، بس ڪيئن به هن کي موت اچڻ تائين دنيا جي ڌنڌن ۾ الجهائي روڪيو وڃي ته جيئن هي آخرت جي تياري کان محروم رهي ۽ **گناهن جو علاج** ڪري ئي نه سگهي.

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالى عليه واله وسلم : جنهن مون تي جمعه جي ڏينهن ٻه سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ڪيا ويندا.

## راهِه مال ۾ سفر

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڪيترو نازڪ دور اچي ويو آهي جو راهِ مولا عَزَّوَجَلَّ ۾ **مدني قافلي** جي اندر عاشقانِ رسول سان گڏ ڪجهه ڏينهن سفر جي لاءِ وقت ڪونهي جڏهن ته ماڻهو "راهِ مال" ۾ هر طرح جو سفر اختيار ڪرڻ لاءِ تيار رهندا آهن. خواه ڪيتري ئي عرصي تائين ماءُ پيءُ ۽ ٻارن ٻچن کان پري ٻين ملڪن ۾ رهڻو پوي ان جي پرواهه ناهن ڪندا. آمريڪا، برطانيه، جاپان وغيره غير مسلم ملڪن جون ويزائون حاصل ڪرڻ لاءِ ايجنٽن وٽ ڌڪا کائيند آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته ايجنٽ اهڙن ماڻهن جا لکين روپيا هڙپ ڪري ويندا آهن ۽ ماڻهو نه هيڏانهن جو رهندو آهي نه هوڏانهن جو. جيڪڏهن ٻاهرين ملڪ پهچي به ويا ته ڪڏهن ڪڏهن ته طرح طرح جون پريشانيون ڏسڻيون پونديون آهن .

لندن کوئی جاپان چلا مال کمانے
دیوانہ چلا سُوئے بِیابانِ مدینہ

## جان ٽسيندڙ ويزا

پهريان ته ويزا (Visa) عارضي پوءِ گهڻو ڪري ڪوڙي هوندي آهي پوءِ ٻئي ملڪ پهچي چورن وانگي لڪي رهڻو پوندو آهي. جيڪڏهن پڪڙجي ويا ته جيل موڪليا ويندا، پرديس ۾ ڪو والي وارث نه هوندو آهي ڪيترائي ماڻهو ويچارا صدمن ۽ بڪن

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي ته ان جفا ڪئي.

۾ مري ويندا آهن ۽ وطن ۾ ماءُ پيءُ ٻار ٻچا فرياد ڪندا رهجي ويندا آهن ته خط نه ٿو اچي، خيريت جي خبر نه ٿي ملي، ايترا سال ٿي ويا ڪو رابطو ناهي. هي ويچارا ان آسري تي جي رهيا آهن ته جاپان مان ڪافي مال اچڻو آهي، انهن ڏکويلن کي ڪهڙي خبر ته انهن جي زندگي جو سهارو خوشي خوشي جاپان پهچڻ ڪانپوءِ جيل جي سيخن پٺيان تڙپي تڙپي موت جو شڪار ٿي چڪو آهي ان جو لاش به ڳري سڙي ڪري منتشر ٿي چڪو آهي ويچاري جي قبر جو نالو نشان به مٽجي چڪو آهي ۽ آهه! بيڪس ۽ مسڪين! پرديسي مرحوم کي ايصالِ ثواب ڪرڻ وارو به ڪو ڪونهي، ڇو ته گهر وارن کي ان جي موت جو علم ئي ناهي.

## جيئرن کي به ايصالِ ثواب ڪري سگهجي ٿو

ياد رهي! جيئرن کي به ايصالِ ثواب ڪري سگهجي ٿو تنهن ڪري جن جو رشتيدار لاپته هجي انهن کي گهرجي ته ان کي خوب ايصالِ ثواب ڪندا رهن ته جيئن جيڪڏهن اهو فوت ٿي چڪو آهي ته ان جي لاءِ راحت جو سامان ٿئي. بيشڪ ٽيجهو، ڏهين وغيره به ايصالِ ثواب جا ذريعا آهن پر مَفقُودُالخَبَر (يعني گم ٿيل) جو ٽيجهو ڪندؤ ته ماڻهن کي تعجب ٿيندو، تنهن ڪري پڙهي پڙهي ڪري ان کي ايصالِ ثواب ڪريو گڏوگڏ بنا ڪنهن

اعلان جي ايصالِ ثواب جي لاءِ ديني ڪتاب وغيره تقسيم ڪريو يا مسجد نهرايو ثواب جي نيّت سان پاڻ بہ مدني قافلن ۾ سفر ڪريو ۽ ذميداران جي ذريعي ٻين جا اخراجات ادا فرمايو، ان طرح جا ٻيا نيڪ ڪم ايصالِ ثواب جي نيّت سان ڪري سگهو ٿا.

## لاش جو دردناڪ انجام

جيڪڏهن ڪجهہ عرصو ڪمائڻ ۾ ڪامياب ٿي بہ ويو تہ چا ٿيو آخرڪار موت اچي رهندو. آهہ! ڪيترا دفعا ائين ٿيندو آهي جو ٻين ملڪ ۾ ملازمت ڪرڻ وارن جي وفات ٿي ويندي آهي پوءِ ويچاري جو پيٽ چيري دل گڙدا جگر، آنڊا وغيره سڀ ڪجهہ ڪڍي ڪيميڪل ڀريل بدحال لاش هوائي جهاز ذريعي وطن پهچندو آهي، روج راڙي جو شور اٿندو آهي، پِٽڪو مچندو آهي، تدفين ٿيندي آهي ۽ آخرڪار سڀ ماڻهو وساري ڪري هڪ ڀيرو وري دنيا جي رنگينين ۾ مشغول ٿي ويندا آهن. وسارڻ بہ ضروري آهي ڇو تہ آخر دنيا جو نظام بہ هلڻو آهي، حضرت علامہ جلال الدين سيوطي شافعي علیہ رحمۃ اللہ الکافی نقل ڪن ٿا، حضرت سيّدنا عبدالله ابن عباس رضی اللہ تعالیٰ عنہما کان روايت آهي: الله عَزَّوَجَلَّ جو هڪ فرشتو قبرن تي مقرر ٿيل آهي، جڏهن ماڻهو قبر تي مٽي وجهي موٽندا آهن تہ اهو هڪ مٺ مٽي ڪڻي اڇلائيندو آهي ۽ چوندو آهي وڃو! پنهنجي دنيا ڏانهن ۽ پنهنجي

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم : جنهن مون تي درود پڙهڻ وساري ڇڏيو اهو جنت جو رستو ڀُلجي ويو.

مڙدن کي وساري ڇڏيو.

(شرح الصدور ص 103 دار الكتب العلمية بيروت)

عمر بھر کون کسے یاد کرتا ہے
وقت کے ساتھ خیالات بدل جاتے ہیں

## ايمان ٽسينڊڙ ويزا

معلوم ٿيو آهي ته اڄڪلهه جاپان وغيره ڪجهه ملڪن ۾ مسلمان کي آساني سان ويزا ناهي ڏني ويندي. ان لاءِ مسلمان چورائڻ وارا ويزا ايجنٽ (VisaAgent) معاذالله عَزَّوَجَلَّ مسلمانن کي مشورو ڏيندا آهن ته فارم ۾ پنهنجو پاڻ کي قادياني يا عيسائي ظاهر ڪيو. ڪجهه نادان پنهنجو پاڻ کي غير مسلم لکي به ڇڏيندا آهن. ياد رکو! اهڙو مشورو ڏيڻ وارو ايجنٽ مشورو ڏيندي ئي ڪافر ٿي ويو چاهي جنهن کي مشورو ڏنو ويو ان انڪار ڪري ڇڏيو هجي، ۽ جيڪڏهن نوڪري جي لاءِ Visa وٺڻ واري پنهنجو پاڻ کي قادياني يا عيسائي يا غير مسلم چيو، فارم ۾ لکيو يا لکرايو ته اهو به ڪافر ۽ مرتد ٿي ويو. اهو جيڪڏهن شادي شده هيو ته نڪاح به ٽٽي ويو، جيڪڏهن ڪنهن جو مريد هو ته بيعت به ختم ٿي وئي، پهريان جيڪي به عبادتون ڪيون هيون مثلاً سڀ نمازون، روزا، عمرا، خيراتون وغيره سڀ نيڪيون برباد ٿي ويون . جيڪڏهن حج ڪيو هو ته اهو به ضايع ٿي ويو، پنهنجو پاڻ کي ڌوڪو ڏيڻ ڪافي ناهي جو مان

ڪافي عرصي کان بيروزگار آهيان، پينرن جي شادي ڪرائڻي آهي، منهنجي مجبوري آهي، منهنجي ڪافر ٿيڻ جي نيّت نه هئي بس مان ته ائين ئي بي دلي سان ڪوڙ ۾ پنهنجو پاڻ کي ڪافر لکرايو آهي مان ته پڪو مسلمان آهيان، هن طرح ڪوڙين ڳالهين سان ڪو ڪافر ٿوري ٿي ويندو آهي. ياد رکو! جيڪڏهن ڪو پنهنجو پاڻ کي مذاق طور تي به ڪافر چوي يا لکي ته ڪافر ٿي ويو، بلڪ جيڪڏهن بالفرض هن طرح چوي يا لکي ته مان سؤ سالن کانپوءِ ڪافر ٿي ويندس تڏهن به هاڻي کان ئي ڪافر ٿي ويو. ها جيڪڏهن مجبوري اهڙي هجي مثلاً ڪنهن هن کي قتل ڪرڻ، ڪو عضوو ڪٽڻ يا شديد مار ڪڏڻ جي صحيح ڌمڪي ڏني ۽ هي ڄاڻي ٿو ته ڌمڪي ڏيڻ وارو جيڪو چوي ٿو اهو ڪندو به ته هاڻي ان جي چوڻ جي مطابق پنهنجو پاڻ کي ڪافر چيو، لکيو يا ڌمڪي ڏيڻ واري جي حڪم تي بت کي سجدو ڪيائين ته ڪافر نه ٿيندو جڏهن ته دل ايمان تي مطمئن هجي، پر نوڪري جي لاءِ Visa جي معاملي ۾ هرگز اهڙي مجبوري ناهي هوندي. خدانخواسته ڪنهن اهڙي غلطي ڪري ڇڏي آهي ته فوراً فوراً ان ڪفر کان توبهه ڪري تجديد ايمان ڪري يعني ڪفر کان توبهه ڪري ۽ نئي سري سان ڪلمو پڙهي وٺي، جيڪڏهن شادي شده هيو ۽ اڳينءَ زال

کي رکڻ چاهي تہ نئين مهر سان ٻيهر نڪاح بہ ڪري، جيڪڏهن مريد ٿيڻ چاهي تہ اڳئين پير صاحب کان يا ڪنهن بہ جامع شرائط پير کان مريد ٿي وڃي. ياد رکو! معاذالله عَزَّوَجَلَّ جنهن جو خاتمو ڪفر تي ٿيندو اهو هميشہ هميشہ جهنم جي باهہ ۾ سڙندو ۽ عذاب ڏسندو رهندو.

ڪرلے توبہ رب کی رَحمت ہے بڑی
ورنہ دوزخ میں سزا ہوگی کڑی

## توبهہ ۽ تجديد ايمان جو طريقو

هاڻي مان توهان جي خدمت ۾ نئي سري سان ايمان آڻڻ جو طريقو عرض ڪريان ٿو، ڏسو توبهہ دل جي تصديق سان ٿيڻ ضروري آهي فقط زباني توبهہ ڪافي ناهي. مثلاً ڪنهن ڪفر بڪيو ۽ ڪفر ان تي لاڳو ٿي ويو هاڻي ان کي ڪنهن ٻئي هيڏاهن هوڏاهن جون ڳالهيون ٻڌائي ائين توبهہ ڪرائي جو ڪفر بڪڻ واري کي معلوم بہ نہ ٿيو تہ مان فلاڻو ڪفر ڪيو هو، جنهن کان هاڻي توبهہ ڪري رهيو آهيان. ان طرح توبهہ نہ ٿيندي، ان جو ڪفر اڃا بہ باقي آهي. تنهنڪري جنهن ڪفر کان توبهہ مقصود آهي اها ان وقت مقبول ٿيندي جڏهن هو ان ڪفر کي ڪفر تسليم ڪندوهجي ۽ دل ۾ ان ڪفر کان بيزاري بہ هجي. بهتر آهي تہ جيڪو ڪفر ٿي چڪو ان جو تذڪرو بہ ڪري. مثلاً جنهن ويزا فارم تي پنهنجو پاڻ کي عيسائي لکي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم: جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهه ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحو ڪندس.

چڙهيو اهو هن طرح چوي، **"ياالله عَزَّوَجَلَّ! مون ويڙا فارم ۾ پنهنجو پاڻ تي عيسائي ظاهر ڪيو آهي مان ان تان بيزار ۽ ان ڪفر تان توبهه ڪريان ٿو.** لااله الا الله محمد رسول الله صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم (**الله** عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق ناهي **محمّد** صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم **الله** عَزَّوَجَلَّ **جا رسول** آهن) هن طرح مخصوص ڪفر کان توبهه به ٿي وئي ۽ **تجديد ايمان** به، جيڪڏهن معاذ الله عَزَّوَجَلَّ ڪئي ڪفريات بڪيا هجن ۽ هي به ياد نه هجي ته ڇا ڇا بڪيو آهي ته چوي، **"ياالله** عَزَّوَجَلَّ **مون تان اڄ تائين جيڪي ڪفريات صادر ٿيا آهن انهن تان بيزار آهيان ۽ انهن تان توبهه ڪريان ٿو"** پوءِ ڪلمو پڙهي. جيڪڏهن ڪلمي شريف جو ترجمو معلوم آهي ته زبان سان ترجمو ورجائڻ جي حاجت ناهي. جيڪڏهن هي معلوم ئي ناهي ته ڪفر بڪيو به آهي يا نه تڏهن به جيڪڏهن احتياطي طور تي توبهه ڪرڻ چاهي ته هن طرح چوي، **"ياالله** عَزَّوَجَلَّ **جيڪڏهن مون تان ڪو ڪفر ٿي ويو هجي ته مان ان تان توبهه ڪريان ٿو"** هي چوڻ کان بعد ڪلمو شريف پڙهي وٺي .

**مدني مشورو:** روزانو سمهڻ کان پهريان به رڪعتون صلوٰةُ التوبه ادا ڪري احتياطي توبهه ۽ تجديد ايمان ڪري ڇڏڻ گهرجي، ۽ جيڪڏهن آساني سان گواهه دستياب هجن ته مڙس ۽ گهر واري توبهه ڪري گهر جي چار ديواري ۾ ڪڏهن ڪڏهن احتياط طور تجديد نڪاح به ڪندا رهن. ماءُ پيءُ، ڀيڻ ڀاءُ ۽ اولاد وغيره

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعالي ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي..

عاقل ۽ بالغ مسلمان مرد ۽ عورت جي نڪاح جا گواهہ بڻجي سگهن ٿا.

## تجديد نڪاح جو طريقو

تجديد نڪاح جي معني آهي، ”نئين مهر سان نئون نڪاح ڪرڻ“ ان لاءِ ماڻهن کي گڏ ڪرڻ ضروري ناهي، نڪاح نالو آهي ايجاب ۽ قبول جو، ها نڪاح جي وقت بطور گواهن جي ٻہ مرد مسلمان يا هڪ مرد مسلمان ۽ ٻہ مسلمان عورتن جو حاضر هئڻ لازمي آهي، نڪاح جو خطبو شرط ناهي بلڪ مستحب آهي. خطبو ياد ناهي تہ اعوذ بالله ۽ بسم الله شريف کان پوءِ سورت فاتحہ بہ پڙهي سگهن ٿا. گهٽ ۾ گهٽ ٻہ تولا ساڍا ست ماشہ چاندي (يعني 30.618 گرام) يا ان جي رقم مهر واجب آهي. مثلاً توهان 525 روپيا مهر ڏيڻ جي نيت ڪئي آهي (پر هي ڏسي وٺو تہ مذڪوره چاندي جي قيمت 525 روپين کان وڌيڪ تہ ناهي) تہ هاڻي گهٽ ۾ گهٽ ٻن مسلمان مردن يا هڪ مسلمان مرد ۽ ٻن مسلمان عورتن جي موجودگيءَ ۾ توهان ”ايجاب“ ڪريو يعني عورت کي چئو مون 525 روپيا مهر جي بدلي توهان سان نڪاح ڪيو، عورت چوي: ”مون قبول ڪيو“ نڪاح ٿي ويو. هي بہ ٿي سگهي ٿو تہ عورت ئي خطبو يا سورت فاتحہ پڙهي ”ايجاب“ ڪري ۽ مرد چوي: ”مون قبول ڪيو“ تہ بہ نڪاح ٿي ويو. نڪاح کان پوءِ جيڪڏهن عورت چاهي تہ مهر معاف بہ ڪري سگهي ٿي، پر مرد بنا

ضرورت جي عورت کان مهر معاف ڪرڻ جو سوال نه ڪري.

**مدني ٽل:** جن صورتن ۾ نڪاح ختم ٿي ويندو آهي مثلاً واضح ڪفر بڪيو ۽ مرتد ٿي ويو ته تجديد نڪاح ۾ مهر واجب آهي البت احتياطي تجديد نڪاح ۾ مهر جي ضرورت ناهي .

(ملخص از ردالمحتار ج4 ص 338، 339)

**تنبيه:** ۽ مرتد ٿي وڃڻ کان بعد ۽ توبهه ۽ تجديد ايمان کان اڳ جنهن نڪاح ڪيو ان جو نڪاح ٿيو ئي ناهي.

## نيڪ بڻجڻ جو طريقو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** گناهن جي علاج ۽ ايمان جي تحفظ جو جذبو بيدار ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سفر ڪي پنهنجو معمول بڻايو. سيئي اسلامي ڀائر زندگي ۾ يڪمشت 12 مهينا، هر ٻارهن مهينن ۾ ٽيهه ڏينهن ۽ هر ٽيهه ڏينهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڏينهن مدني قافلن ۾ سفر جي نيت فرمايو، جيڪڏهن توهان ڪي با اخلاق ۽ باڪردار مسلمان بڻجڻ جي خواهش آهي ته 72 **مدني انعامات** جي مطابق پنهنجي زندگي گذارڻ جي ڪوشش ۾ لڳي وڃو، ۽ ان جو ڪارڊ ڀري ڪري هر مدني مهيني جي ابتدائي ڏهن ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي دعوتِ اسلامي جي ذميدار وٽ جمع ڪرايو، اسلامي ڀينرن جي لاءِ 63 **مدني انعامات** آهن اهي به هر مهيني ڪارڊ ڀري ڪري جمع ڪرائين .

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡكَ یَا رَسُوۡلَ اللّٰهِ

هي رسالو **”گناهن جو علاج“** شيخ طريقت، امير اهسلنت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ **مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي** دامت برکاتهم العاليه جو اردو زبان ۾ تحريري بيان آهي .

**مجلس تراجم** (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي . جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي تہ **مجلس تراجم** (دعوت اسلامي) کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو .


**رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)**

**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران**

**پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

﴿ **فون نمبر :** 021-4921389-90-91 ﴾

E-mail.majlistarajim@dawateislami.net

## جوا جي ڪاروبار کان توبهه ڪرڻ جي مدني بهار

**غيبت** ڪرڻ ۽ ٻڌڻ جي عادت ختم ڪرڻ، نمازن ۽ سنّتن تي عمل جي عادت بڻائڻ جي لاءِ **دعوت اسلامي جي مدني ماحول** سان هر دم وابسته رهو. سنّتن جي تربيت جي لاءِ **مدني قافلن** ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سنّتن ڀريو سفر ڪيو. ڪامياب زندگي گذارڻ ۽ آخرت سنوارڻ جي لاءِ **مدني انعامات** جي مطابق عمل ڪري روزانو **فڪرِ مدينه** جي ذريعي رسالو ڀريو ۽ هر مدني مهيني جي 10 **تاريخ جي** اندراندر پنهنجي ذميدارڪي جمع ڪرايو. اوهانجي ترغيب لاءِ هڪ **مَدني بهار** پيش آهي. جيئن ته سُوئِي ڊويزن **ڊيرا بُگٽِي** (**بلوچستان**) جي هڪ اسڪول ٽيچر ڪجهه هن طرح حلفيه بيان ڏنو ته مان **ٽمبَولا** (هڪ قسم جي راند جنهن ۾ پئسن جي جُوا هوندي آهي) جو دڪان هلائيندو هيس. 2004ع ۾ پاڪستان جي صوبي بابُ الاِسلام (**يعني سنڌ**) سطح تي صحراءِ مدينه (**باب المدينه ڪراچي**) ۾ ٿيندڙ تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگيرغيرسياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي ٽن ڏينهن واري سنّتن ڀريي اجتماع ۾ خوش قسمتي سان شرڪت جي سعادت ملي وئي آخر ۾ جڏهن دعا ٿي ته مون تي رِقّت طاري ٿي وئي مون اڳ ۾ ڪيل سيني گناهن کان توبهه ڪرڻ سان گڏوگڏ نماز باجماعت پابندي سان ادا ڪرڻ جي نيت ڪئي.

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اجتماع کان واپس ايندي ئي تَمبَولا جو ڪم ختم ڪري ڇڏيم . ڏاڙهي شريف رکي ۽ اسڪول ۾ درس بہ جاري ڪري ڇڏيم ۽ **دعوتِ اسلامي** جي مَدرسةُ المدينہ (براءِ بالغان) ۾ قرآن پاڪ پڙهڻ شروع ڪري ڇڏيم .

## جُوا حرام آهي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي** جي سنّتن ڀري اجتماع جي بہ ڇا ڳالھہ آهي! اَللّٰہ توّاب عَزَّوَجَلَّ جي رَحمت سان هن ۾ شريڪ ٿيندڙ ڪيترن جي دِلين ۾ مدني اِنقلاب پيدا ٿي ويندو آهي . هن اجتماعن ۾ شرڪت ٻنهي جهانن جي لاءِ باعثِ سعادت آهي، هاڻي توهان جيڪا **مَدني بَهار** ٻڌي هن ۾ تَمبولا جي ڪاروبار کان توبھہ جو تذڪرو آهي، تَمبولا "**جُوا**" جي هڪ صورت آهي . جُوا ۾ هڪ ٻئي جو مال ناحق کاڌو ويندو آهي جيڪو شرعًا حرام آهي . جوا کيڏڻ ، جُوا جو اڏو هلائڻ، جُوا جا سامان کپائڻ، خريدڻ سڀ اسلام ۾ **حرام** ۽ **جهنّم** ۾ وٺي وڃڻ وارا ڪم آهن . افسوس مسلمانن ۾اڄڪلھہ جُوا ڪافي عام آهي جُوا جون اهڙيون بہ صورتون آهن جنهن ۾ ماڻهو لاعلمي جي ڪري مُبتلا ٿي ويندا آهن، تنهن ڪري سنين سنين نيتن سان گڏ جُوا جي بابت ڪجھہ معلومات حاصل ڪيو.

